محمد راشد شر

# فقير خوش خير محمد هيسباڻي ۽ سندس خاندان جا شاعر

## (هڪ تحقيقي جائزو)

***Abstract:***

**Faqir Khush Khair Muhammad Hisbani and the Poets of His Family: A Research Study**

*This research study presents a critical review and analytical approach of the poetry of Faqir Khush Khair Muhammad Hesbani. He is one of the prominent poets, whose poetic traditions are sustained by his family, and his remarkable contributions Sindhi classical Sufi literature, He was born in 1809 in village Gul Muhammad Hesbani (District Nawabshah), Khush Khair Muhammad Hesbani His literary work synthesizes romantic expression with profound metaphysical insight and depicts divine love which covers aesthectic pleasure and figurative language.*

*The research adopts a qualitative, interpretive, and text-centered methodological approach to examine both published and unpublished poetic materials attributed to Hesbani and his successors. It explores how the foundational Sufi worldview rooted in the philosophy of Wahdat al-Wujud (Unity of Being) is expressed through recurring themes of love, longing, spiritual union, and humanistic ethics.  A significant focus of this research is the continuity and transformation of this poetic and intellectual legacy within the Hesbani family. Poets such as Faqir Dar Muhammad Hesbani (I and II) and Faqir Khair Muhammad Hesbani (III) are examined as inheritors and interpreters of this tradition.*

*Their poetry, composed in multiple languages including Sindhi, Seraiki, Urdu, and Persian, reflects both fidelity to the original spiritual ethos and an evolving engagement with personal experience and socio-cultural realities. Expanding the canon of Sindhi Sufi literature and invites further academic inquiry.*

*In conclusion, the poetry of Faqir Khush Khair Muhammad Hesbani and his familial lineage constitutes a significant yet underexplored intellectual and aesthetic tradition within Sindhi literature. Their work embodies a rich synthesis of mysticism, romanticism, and humanistic values, offering both spiritual depth and literary sophistication. This research not only re-evaluates their contribution but also positions it as a vital area for future scholarship within South Asian literary and Sufi studies.*

***Keywords:*** *faqir Khush Khair Muhammad Hisbani, , Sindhi Sufi Poetry, Classical Literature, Wahdat al-Wujud, Romantic Mysticism, Spiritual Symbolism, Poetic Tradition, Literary Study.*

**سنڌي** صوفياڻي شاعريءَ جو تنقيدي مطالعو ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ سنڌي صوفياڻي شاعري هڪ اهڙو سماجي فڪر آهي، جيڪو عام رسمي لفظن جي سينگار يا جذبات جي اظهار جو نالو ناهي، پر سنڌي صوفياڻي شاعري هڪ فڪري ۽ سماجي تحريڪ جي حيثيت سان پڻ سامهون اچي ٿي، جنهن ۾ انسان جي داخلي ڪيفيتن، محبت جي آفاقي قدرن ۽ وجود جي اسرارن کي شاعريءَ جي وسيلي بيان ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ فڪري روايت ۾ ڪي اهڙا شاعر بہ ملن ٿا، جن نہ صرف پنهنجي ذاتي تخليقي سگهہ سان ادبي دنيا کي مالا مال ڪيو آهي، پر پنهنجي فڪر ۽ فن کي نسل در نسل منتقل ڪري هڪ ادبي سلسلي يا خانداني روايت جي صورت ڏني. فقير خوش خير محمد هيسباڻي ۽ سندس خاندان جا شاعر بہ اهڙي ئي روشن ۽ زنده روايت جا امين نظر اچن ٿا. فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي شاعريءَ ۾ تصوف، رومانويت ۽ انسان دوستيءَ جو جيڪو فڪر ملي ٿو، اهو سنڌي ادب ۾ هڪ منفرد فڪري ڌارا کي جنم ڏئي ٿو. سندس ڪلام ۾ عشق کي فقط مجازي حدن تائين محدود نہ رکيو ويو آهي، پر ان کي حقيقت جي سڃاڻپ جو ذريعو بڻايو ويو آهي، جتي محبوب جي صورت ۾ ڪائنات جي حقيقت جلوه گر ٿئي ٿي. فقير خوش

خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪلام ۾ سندس معتقد ۽ همعصر صوفي شاعرن وانگر تصوف جي پيغام جي پرچار ۽ پنهنجي صوفياڻي اعتقاد جو پنهنجي ڪلام ۾ چٽو اظهار ملي ٿو. خوش خير محمد هيسباڻي جي ان صوفياڻي اظهار ۾ ٻيائيءَ کي ٻن ڏئي هيڪڙائيءَ ۾ هڪ ٿي وحدت الوجودي نظريي جي پرچار ڪري ماڻهن کي خودي ۽ ٻٽڪيل واڻ مان ڪڍي حقيقت واري واٽ تي هلڻ جو درس ملي ٿو، جو ته خود وحدت الوجودي نظريو بار بار اها تلقين ڪري ٿو ته:

”ڪائنات جي مخلوق عين صفات باري ۽ صفات نالو آهي ذات باريءَ جي تجليات جو تنهن ڪري خالق ۽ مخلوق بنيادي اعتبار سان هڪ شيءِ آهن ۽ اول، آخر هڪ ٿي ويندي.“[1]

بين وحدت الوجودي فڪر جي صوفي شاعرن جي صوفياڻي شاعريءَ ۾ سمايل فڪر وانگر خوش خير محمد به پنهنجن صوفياڻن خيالن ۾ ظاهري تسبيح پڙهڻ ۽ ڏيکاءَ واري عبادت کي رد ڪندي چوي ٿو ته:

تسبيون تال پڙهين هر هر هو
الانسان سري وانا ســـــرهٖ
فـــرق نه هڪ تر تنهنجو ٿي
خير محمد خيال وحدت وارو
جاڏي ڪاڏي نينهن نـــظارو
سارو طلسم تنهنجو ٿـــي.
(ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي. ص 67)

فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جيڪي شاعري ڪئي آهي ان ۾ سندس صوفياڻي فڪر سان گڏ مجازي رومانويت، حسن، عشق ۽ هجر، فراق جا به نمايا رنگ ملن ٿا. تنوير عباسي خوش خير محمد جي رومانويت بابت لکن ٿا ته:

”خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪافين ۾ هر موضوع تي رومانويت جو وٽندڙ رنگ چڙهيل ملندو. اهو اثر سندس همعصرن توڙي ڪانئس اڳ وارن شاعرن وٽ پڻ ملي ٿو، پر ڪٿي ڪٿي اهو ايترو رچيل نه آهي، جو انهن شاعرن کي رومانوي شاعر ڪري ليکجي. شاهه لطيف توڙي سچل سرمست تصوف تي رومانويت جو پوش چاڙهيو، ان اصلوب جي چوٽ خير محمد هيسباڻيءَ وٽ ٿي. خير محمد جي هر ڪافي مجاز جي رنگ ۾ رنگيل آهي. هن وٽ سونهن جو بيان سراپا تائين وڃيو پهچي.“[2]

سنڌ جي هن صوفي شاعر جي ڪلام جو مطالعو ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته فقير خوش خير محمد هيسباڻي پنهنجي ڪلام ۾ خدا جي وحدانيت ۽ پرينءَ کي پاڻ ۾ ڳولي اندر اجاري هوت سان ملڻ جي رستي جي واٽ جي تبليغ ڪئي آهي اتي سندس ڪلام ۾ تاريخي ڪردارن سان گڏ فطرتي رنگن، عشق، محبت ۽ حسن يار جي جلون جي جماليات جا به ڪوڙ سارا رنگ ملن ٿا، اهڙن مثالن جو هڪ نمونو هن ريت آهي:

پـــــرين نيندءِ پاڻ سان چڏ هُڏي واري هوڏ
چار ڏهاڙا ٿي جوين پوءِ پُري ٿيندي پـــــور
خير محمد چوي لوڏ، وٽئي نه ويڙهيچن کي.
(ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي. ص 63)

اهو ئي فڪري تسلسل سندس خاندان جي ٻين شاعرن ۾ به مختلف رنگن ۽ لهجن سان جاري نظر اچي ٿو، جيڪو هن ادبي ورثي کي وڏيڪ اهميت ۽ وسعت عطا ڪري ٿو.

هن تحقيق ۾ فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي شاعري ۽ سندس خاندان جي شاعرن جي ادبي خدمتن ۽ انهن جي ڪلام ۾ موجود تصوف، مجاز ۽ موسيقي جي مختلف پهلوئن تي ڪيل ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل شاعريءَ جا نمونا پيش ڪري جائزو ورتو ويندو.

**فقير خوش خير محمد هيسباڻي:**

سچل سرمست جيڪي صوفياڻي فڪر جي فڪري لاٽ ٻاري ان لاٽ ۾ هيسباڻي خاندان جي شاعرن جو نالو صف اول نظر اچي ٿو. ايتريقدر جو هيسباڻي فقيرن جي ڪلام تي سچل سرمست، نانڪ يوسف ۽ سچل سرمست جي ٻين معتقد شاعرن جي ڪلام جو گهرو اثر سمايل نظر اچي ٿو.

”خوش خير محمد هيسباڻي، رئيس غلام حيدر هيسباڻيءَ جو فرزند هو. هي سن 1809ع مطابق 1224هه ۾ ڳوٺ گل محمد هيسباڻي (ضلع نواب شاهه) ۾ ڄائو. سندس وڏا ساهيوال جا وينل هئا ۽ آدم شاهه ڪلهوڙي سان گڏ سنڌ آيا.“[3]

فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ 2 محرم 1294 هه، 1877ع تي تگڙن جي ڳوٺ ۾ وفات ڪئي ڪيس ان ئي ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو. 1905ع ۾ جڏهن تگڙن جي ڳوٺ ڪي درياهه پاڻ لڳو، تنهن ڪري فقير سائين جي لاش ڪي ڪيرائي خيرپور ضلعي جي تعلقي فيضگنج جي ڪرونڊي شهر کان ٽي ڪلو ميٽر اوپر طرف دفن ڪيو ويو. اهو ڳوٺ اڄ تائين فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي نالي سان مشهور آهي.

”خوش خير محمد سنڌي توڙي سرائڪي ڪافين ۾ هڪ نئين اسلوب، توڙي نئين تاثر جو اظهار ڪيو. خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪافين ۾ هر موضوع تي رومانويت جو وڻندڙ رنگ چڙهيل ملندو. اهو اثر سندس همعصر توڙي اڳ وارن شاعرن وٽ پڻ ملي ٿو، پر ڪٿي ڪٿي اهو ايترو رچيل نہ آهي، جو انهن شاعرن ڪي رومانوي شاعر ڪري ليکجي. شاهه لطيف توڙي سچل سرمست تصوف تي رومانويت جو پوش چاڙهيو ان اسلوب جي چوٽ خير محمد هيسباڻيءَ وٽ ٿي.“[4]

فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ ڪانپوءِ سندس خاندان ۾ اڄ ڏينهن تائين شاعريءَ جو سلسلو هلندو پيو اچي پر فقير خوش خير محمد جي خاندان جي سيني شاعرن جي شاعري مان سواءِ فقير خوش خير محمد ۽ فقير در محمد (پيو) جي ٻي ڪنهن خاندان جي شاعر جي شاعري ڇپجي ناهي سگهي. پاڻ هتي خوش خير محمد هيسباڻي فقير جي خاندان جي شاعرن جو ذڪر ڪنداسين.

**فقير در محمد هيسباڻي مست (پهريون):**

فقير در محمد مست (پهريون) جو جنم 1834ع ۾ فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ئي گهر ۾ ٿيو. در محمد هيسباڻي مست فقير بابت اها مشهور روايت آهي تہ، هن پنهنجي بابا سائين فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جو سمورو ڪلام درياهه ۾ اهو چئي لوڙهي ڇڏيو هو تہ ’بابي پي الله نال گهٽيان نگيان ڪتيان هن‘. فقير در محمد هيسباڻيءَ جو ڪلام سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين ۾ ملي ٿو، جيڪي اڃا تحقيق جي تارازيءَ ۾ اچي سهيڙجي ناهي سگهيو پر سندس ڪجهہ ڪلام ’مڪنوز در لعل‘ ۾ ملي ٿو تہ ٻيو وري سندس ڪلام گهڻي تعداد ۾ اڻ ڇپيل بہ آهي. هن صوفي درويش جي شاعريءَ ۾ بہ تصوف جا مڪمل صوفياڻيا رنگ سمايل آهن. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ماڙيچن جي محبت آهي مونکي واهہ وٽي
مليح محب مولا پرور پاڪ ڏٽي.
ابر جان اکڙيون وسن، واديون ورهہ وهن،
پل پل پنبٽيون پرتئون تن جي پهہ ۾ پچن
سوز فراقن ساڙي، ڪيو پئمال پٽي
اٿم اميدون آسون اڳڻ اهي مون ايندا.
نڌر نهوڙيل نينهن جي ورتيون نال نيندا
چوري ڇڏيندا چاڪئون سانگي سنيها سٽي

ڪيم شڪرانہ شاديون قاصد آيم ڪهي
ڏک ڏمر ميان عمر ويا لحظي منجھ لهي
خطڙو خوشيءَ جو خاطو ڪوليو جڏهن ڪٽي.
دل ڪان دور ٿيا درد مڙيئي 'در محمد '
حامي هوت ٿيو مرسل مير محمد
دوست ڏني دلداري آٽي گهوٽ گهٽي.
(فقير در محمد هيسباٽي مست پهريون)

ڏاڍيان برهين باهيان ٻاليان، رمزين واليان، مئن تہ شرم حيا ڪئون ڳئي آن
ديد دلبر شهيد جو ڪيتا، دورون مار دو ناليان رمزين واليان
مئين تہ تاب حسن دي تئي آن
چاڪ مئڏي دل چاق جو ڪيتي، چشمان ديان رڪ چاليان، رمزيان واليان
مئن تہ ناز نينان دي نئي آن
لاڪون روز ازل سئيان، نال ماهي مئڏيان ڳالهيان، رمزين واليان
پرت پڌر هڻ پئي آن
در محمد نال دلبر دي، پرت ڳالهيان سپ پاليان، رمزين واليان
مئين ملڪ موهن دي ٿئي آن.
(فقير در محمد هيسباٽي مست پهريون)

فقير در محمد هيسباٽي مست (پهريون) جي ادبي ۽ فڪري حيثيت جو مطالعو ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ سندس شاعري هڪ اهڙي داخلي تجرباتي دنيا جي عڪاسي ڪري ٿي، جتي صوفيانہ شعور رڳو روايتي اظهار تائين محدود ناهي، پر هڪ انفرادي وجداني ڪيفيت جي صورت اختيار ڪري ٿو. سندس ڪلام ۾ مست هجڻ جو تصور محض لفظي صفت نہ، پر هڪ وجدانيت جو استعارو آهي، جنهن ۾ شاعر پنهنجي وجودي سڃاڻپ کي عشق جي باھ ۾ پگهاري نئين معنيٰ سان پيش ڪري ٿو. سندس شاعريءَ ۾ فراق، وصال، ديد ۽ سوز جهڙا عنصر صرف موضوعاتي سطح تي نہ، پر فڪري ۽ نفسياتي گهرائيءَ سان جڙيل نظر اچن ٿا. 'ماڙيچن جي محبت' يا 'سوز فراقن ساڙي' جهڙيون سٽون هڪ اهڙي ڪيفيت کي ظاهر ڪن ٿيون، جتي داخلي تڙپ وجود جي سچي سڃاڻپ بڻجي وڃي ٿي. هيءَ تڙپ دراصل 'همه اوست' جي ان فلسفي سان سلهاڙيل آهي، جنهن ۾ ڪائنات جي هر شيءِ کي هڪ ئي حقيقت جو پرتو سمجهيو وڃي ٿو، ۽ شاعر ان حقيقت کي عشق جي وسيلي محسوس ڪري ٿو. هن صوفي شاعر جي ڪلام جي اهم خوبي ان جي ٻوليءَ جي سلاست، علامتي اظهار ۽ گهڻ لساني وسعت سان ٽمٽار آهي. سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين جو استعمال نہ فقط سندس ادبي شعور جي وسعت کي ظاهر ڪري ٿو، پر ان سان گڏ صوفيانہ فڪر جي بين الثقافتي لاڳاپن کي پڻ اجاگر ڪري ٿو. سندس اظهار ۾ سادگيءَ سان گڏ هڪ اهڙي معنوي پيچيدگي بہ موجود آهي، جيڪا پڙهندڙ کي ظاهري مفهوم کان اڳتي وڌي باطني معنيٰ تائين پهچڻ تي مجبور ڪري ٿي. انهيءَ تناظر ۾، فقير در محمد هيسباٽي مست (پهريون) جي شاعريءَ کي هڪ اهڙي تخليقي تجربي طور ڏسي سگهجي ٿو، جتي عشق، تصوف ۽ داخلي احساسن جو سنگم هڪ منفرد جمالياتي صورت اختيار ڪري ٿو، جيڪا سنڌي صوفياڻي شاعريءَ ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم ڪري ٿي.

**فقير در محمد هيسباڻي (پيو):**

”فقير سائين جن پنهنجي اباڻي ڳوٺ درگاه خوش خير محمد فقير هيسباڻي تعلقي فيض گنج ضلعو خيرپور ميرس ۾ 1887ع ۾ پيدا ٿيا ۽ پاڻ ۾ چار ڀائر هئا جن مان فقير صاحب جن سڀني ڀائرن کان وڏا هئا.“[5]

فقير در محمد هيسباڻيءَ جي وفات مئي 1977ع ۾ ٿي. فقير در محمد هيسباڻيءَ جو ڪلام ’مڪنوز در لعل‘ (حصه اول) جي نالي سان فقير احسان علي هيسباڻي ۽ ’مڪنوز در لعل‘ (حصه دوم) فقير سيف الرحمٰن هيسباڻي ڇپايو آهي، فقير در محمد هيسباڻي سنڌي سرائڪي ۽ فارسي ۾ بيت ۽ ڪافي جي صنف تي شاعري ڪئي آهي. فقير در محمد جو ڪلام به خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪلام جيئن تصوف ۽ انسان دوستيءَ جي سبق سان ٽمٽار آهي سندس ڪلام نموني طور هيٺ پيش ڪجي ٿو:

مطلع :
دل ٿيم ديوان، دوست جڏهن ديدار ڪرايو،
وسريو شوڪت شان، ناز صنم نروار ڪرايو.

1. حُسن حقيقي حڪم هلايو، عشق مجازي عقل تڙايو،
هوش ٿيو حيران، اکين بي اختيار ڪرايو.

2. ناز اعجاز جا راز نيارا ، مامر ملائن نسنگ نظارا،
نيڻن ۾ نشان، ثابت سر سردار ڪرايو .

3. بي رنگجا رنگ باطن ظاهر، نسنگ سجاڻن ملنگ ماهر،
آ گهه هر اعلانِ محبت مگٽهار ڪرايو.

4. مالڪ سان پيو ست ٿياسون، مُلڪ وساري مست ٿياسون ،
حُسن رهيو همخان، عشق قائم اعتبار ڪرايو.

5. زلف زنجيري دام سيئي، قاتل خاص و عام سيئي،
دام اندر دردان ، حسن شهباز شڪار ڪرايو.

(مڪنوز در لعل حصہ اول ڪلام نمبر 90)

فقير در محمد هيسباڻي (پيو) جي شاعريءَ جو به مطالعو ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته هن شاعر جو به فڪر صوفيانه فڪر جي هڪ اهڙي پختي ۽ شعوري صورت طور سامهون اچي ٿو، جنهن ۾ داخلي واردات ۽ فڪري سجاڳيءَ جو حسين امتزاج ملي ٿو. سندس ڪلام ۾ عشق ۽ تصوف جا روايتي موضوع ضرور موجود آهن، پر انهن جو اظهار هڪ سنجيده فڪري ترتيب ۽ معنوي توازن سان ٿيل آهي، جيڪو کيس فقط وجداني شاعر کان اڳتي ڪٽي هڪ باشعور صوفي مفڪر جي حيثيت ڏئي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ ’دل ديوان ٿيڻ‘، ’حسن حقيقي‘ ۽ ’عشق مجازي‘ جهڙا استعارا محض روايتي علامتون نه، پر هڪ فڪري نظام جا جز آهن، جن وسيلي هو انسان جي باطني ارتقا کي بيان ڪري ٿو. خاص طور تي سندس ڪلام ۾ عقل ۽ عشق جي وچ ۾ جيڪو تضاد ۽ توازن پيش ڪيو ويو آهي، اهو صوفيانه فڪر جي اهم روايت سان جڙيل هجڻ سان گڏ هڪ انفرادي فڪري سجاڳپ به رکي ٿو. ’عشق مجازي عقل تڙايو‘ جهڙي سٽ هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿي ته شاعر وٽ عشق فقط جذبو نه، پر هڪ اهڙو وسيلو آهي، جيڪو انسان کي ظاهري عقل جي حدن کان مٿي ڪٽي وڃي ٿو. هن صوفي درويش جي شاعريءَ جي وڏي خوبي ان جي فڪري پختگي ۽ اظهار جي سلاست ۾ آهي. سندس ڪلام ۾ ’بي رنگ جا رنگ‘ ۽ ’اعلانِ محبت‘ جهڙيون ترڪيبون هڪ اهڙي علامتي دنيا کي جنم ڏين ٿيون، جتي ظاهر ۽ باطن جون سرحدون مٽجي وڃن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعري پڙهندڙ کي صرف جمالياتي لطف نه ڏئي ٿي، پر ان کي هڪ روحاني ۽ فڪري تجربي مان پڻ گذاري ٿي. ان کان علاوه، سندس گهڻ لساني اظهار سنڌي، سرائڪي، فارسي سندس ادبي شعور جي وسعت ۽ صوفيانه روايت سان گهري وابستگيءَ جو ثبوت آهي. سندس شاعريءَ ۾ تصوف کي هڪ منظم فڪري نظام طور پيش ڪيو ويو آهي، جتي عشق، حسن ۽ حقيقت پاڻ ۾ ڳنڍيل نظر اچن ٿا.

ان لحاظ کان، فقير در محمد هيسباڻي (ٻيو) جي شاعريءَ کي صوفياڻي ادب ۾ هڪ اهڙي فڪري ۽ جمالياتي ڪاميابي طور ڏسي سگهجي ٿو، جيڪا روايت کي برقرار رکندي بہ ان ۾ نئين معنويت ۽ شعوري گهرائي پيدا ڪري ٿي

**فقير خير محمد هيسباڻي (ٽيون):**

فقير خير محمد هيسباڻي (ٽيون) جو شمار بہ فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي خاندان جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو.

”فقير خير محمد (ٽيون) فقير در محمد (ٻي) جو فرزند هو، سندس جنم 1929ع ۾ ۽ وفات 4 جنوري 2007ع ۾ ٿي هي فقير بہ خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي خاندان ۽ فڪري سلسلي جي اهم شاعرن مان هڪ آهي پر سندس ڪلام هن وقت تائين ڇپجي ناهي سگهيو“(6)

هن درويش بہ بيت ۽ ڪافي کي سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ٻولين ۾ ڳايو آهي. سندس شاعريءَ جو ڪجھ نمونو ڪتاب ”مڪنوز در لعل“ ۾ ملي ٿو. سندس شاعريءَ جو نمونو هتي پيش ڪجي ٿو.

مطلع: آيا عجيب اسان جي اڱڻ احسان ٿيا،
پسي حُسن حبيب هڙئي حيران ٿيا

1: دل گهريو دلدار اڱڻ اڄ آيو آ،
محبت ۾ مشتاق مڙئي مستان ٿيا،

2: سرس ڪري سينگار صنم آيو صورت جو،
ڪاتب قلم قضا جا ڇڏي قربان ٿيا،

3: ساقيءَ سِڪ سان سڏي سوائي سرڪي ڏني،
پلڪ اندر پُر پياسن جا پئمان ٿيا.

4: هيسباڻي صد بار صدق تنهن ساجن تان،
عاشق جنهنجا عرش و برين انسان ٿيا.

(مڪنوز در لعل حصه اول ص 16)

فقير خير محمد هيسباڻي (ٽيون) جي شاعريءَ ۾ داخلي سڪ، جمالياتي احساس ۽ روحاني سرشاريءَ جو لطيف امتزاج ملي ٿو. سندس ڪلام ۾ اظهار جي سادگيءَ سان گڏ جيڪا معنوي گهرائي موجود آهي، اها هن کي محض روايتي پيروي ڪندڙ شاعر نہ، پر هڪ حساس ۽ داخلي تجربن کي تخليقي صورت ڏيندڙ فنڪار طور پيش ڪري ٿي. سندس شاعريءَ ۾ 'آيا عجيب اسان جي اڱڻ' يا 'پسي حسن حبيب' جهڙا استعارا هڪ اهڙي روحاني مشاهدي جي عڪاسي ڪن ٿا، جتي محبوب جي جلوه گري وجود جي هر پهلوءَ کي حيرانگي ۽ سرور ۾ وجهي ٿي. هن وٽ عشق جو تصور فقط طلب يا فراق تائين محدود نہ آهي، بلڪه وصال جي ڪيفيت کي بہ هڪ اهڙي وجداني شدت سان بيان ڪيو ويو آهي، جتي 'مستان ٿيڻ' ۽ 'قربان ٿيڻ' جهڙا احساس داخلي سچائيءَ جي علامت بڻجي وڃن ٿا. اهو اظهار صوفيانہ فڪر جي ان روايت سان جڙيل آهي، جتي انسان پنهنجي وجود کي محبوب جي حضور ۾ فنا ڪري نئين معنويت حاصل ڪري ٿو. فقير خير محمد هيسباڻي (ٽيون) جي ڪلام ۾ 'قلم قضا جا قربان ٿيڻ' ۽ 'پياسن جا پئمان پرجي وڃڻ' جهڙيون ترڪيبون هڪ حسين امتزاج سان پر علامتي دنيا کي جنم ڏين ٿيون. سندس شاعريءَ ۾ سوز ۽ سرور جو جيڪو توازن ملي ٿو، اهو سندس داخلي پختگي ۽ فڪري سادگيءَ جو نتيجو آهي، جيڪو پڙهندڙ کي بغير ڪنهن پيچيدگيءَ جي هڪ عميق تجربو عطا ڪري ٿو. هن صوفي شاعر جي ڪلام جي گهڻ لساني اظهار (سنڌي، سرائڪي، اردو) سندس فڪري وسعت ۽ صوفيانہ روايت سان وابستگيءَ کي وڌيڪ نمايا ڪري ٿو. جيتوڻيڪ سندس ڪلام جو وڏو حصو اڃا تائين اڻ ڇپيل آهي، تنهن هوندي بہ موجود نمونن مان سندس تخليقي قوت، جمالياتي حسن ۽ صوفياڻي فڪر جي چٽي جهلڪ

ملي ٿي. انهيءَ لحاظ سان، فقير خير محمد هيسباڻي (ٽيون) جي شاعريءَ کي هڪ اهڙي وجداني ۽ جمالياتي تجربي طور ڏسي سگهجي ٿو، جيڪو سادگيءَ ۾ گهراين، ۽ محبت جي لڪل اعليٰ احساسن کي پيش ڪري ٿو.

## نتيجو:

هن تحقيقي جائزي مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ فقير خوش خير محمد هيسباڻي ۽ سندس خاندان جي شاعرن جي شاعري صرف هڪ ادبي اظهار نہ، پر هڪ زنده فڪري ۽ صوفياڻي تسلسل جي علامت آهي، جنهن ۾ تصوف، محبت ۽ انساني قدرن جو شعور نسل در نسل منتقل ٿيندو رهيو آهي. هن مقالي جي مطالعي مان اها ڳالهہ شدت سان محسوس ٿئي ٿي تہ خوش خير محمد هيسباڻيءَ پنهنجي ڪلام وسيلي جيڪا فڪري روايت شروع ڪئي، اها محض فرد تائين محدود نہ رهي، پر هڪ خانداني ادبي روايت جي صورت اختيار ڪري وئي، جنهن ۾ سندس خاندان جي هر شاعر پنهنجي دور جي احساسن کي ساڳئي فڪري سلسلي سان ڳنڍيندي اظهار جو نئون انداز پيدا ڪيو. سندن شاعريءَ ۾ موجود رومانوي تصوف رڳو جمالياتي لطف تائين محدود نہ آهي، بلڪه اهو انسان جي باطني سچائيءَ، ڪائناتي رشتن ۽ الاهي محبت جي ادراڪ ڏانهن راه هموار ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو خوش خير محمد هيسباڻي ۽ سندس خاندان جي شاعرن، جهڙوڪ فقير در محمد هيسباڻي (پهريون ۽ ٻيون) ۽ فقير خير محمد (ٽيون)، پنهنجي ڪلام ۾ ان فڪري تسلسل کي برقرار رکندي بہ ان ۾ پنهنجو داخلي تجربو، درد ۽ مشاهدو شامل ڪيو، جنهن سان هن صوفياڻي ادبي ورثي ۾ وسعت پيدا ٿي. هن تحقيق مان هڪ اهم نڪتو اهو بہ سامهون اچي ٿو تہ جيتوڻيڪ هن خاندان جي ڪيترن شاعرن جو ڪلام اڃا تائين مڪمل طور تي منظر عام تي نہ اچي سگهيو آهي، تنهن هوندي بہ جيڪي ٿورا نمونا موجود آهن، سي سندن فڪري گهرائي، صوفيانہ شعور ۽ زبان جي سلاست جا پڪا شاهد آهن. اها صورتحال سنڌي ادب جي تحقيق لاءِ هڪ اهم چئلينج بہ آهي ۽ هڪ سونهري موقعو پڻ، تہ جيئن اڻ ڇپيل ۽ غير مرتب ڪلام کي علمي معيارن موجب سهيڙي، ان کي ادبي دنيا آڏو پيش ڪيو وڃي. تنقيدي طور ڏسجي تہ هن خانداني شاعريءَ جي وڏي خوبي اها آهي تہ ان ۾ تصوف کي محض نظرياتي بحث نہ بڻايو ويو آهي، پر ان کي عشق، درد، وڇوڙي ۽ وصال جي علامتن ذريعي هڪ اهڙي حياتيءَ سان ڳنڍيو ويو آهي، جيڪا پڙهندڙ کي پنهنجي اندر جي دنيا سان روبرو ڪري ٿي. هن شاعريءَ ۾ 'همه اوست' جي فلسفي کي اهڙي رومانوي رنگ ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جو اهو نہ رڳو سمجهہ ۾ اچي ٿو، پر محسوس بہ ٿئي ٿو. آخر ۾، اهو چئي سگهجي ٿو تہ فقير خوش خير محمد هيسباڻي ۽ سندس خاندان جا شاعر سنڌي صوفياڻي شاعريءَ جي ان تسلسل جون اهم ڪڙيون آهن، جن سنڌي ادب کي فڪري، ۽ جمالياتي حوالي سان مالا مال ڪيو آهي. سندن ڪلام رڳو ماضيءَ جي يادگار نہ، پر حال ۽ مستقبل لاءِ بہ هڪ روشن راه آهي، جيڪا انسان کي محبت، سچائي ۽ همه اوست جي واٽ ڏانهن سڏي ٿي. مقرر مقالي جي جائزي وسيلي اهو نتيجو اخذ ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن هن ادبي ورثي تي وڌيڪ سنجيده، منظم ۽ جديد تنقيدي طريقن سان ڪم ڪيو وڃي تہ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ نئون باب شامل ٿي سگهي ٿو.

## حوالا


1. انصاري، عثمان، 'رسالو سچل سرمست'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 38.
2. عباسي، تنوير، 'ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2008ع، ص: 37.
3. گبول، مشتاق، 'سنڌ جي صوفياڻي شاعري'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 166.
4. عباسي، تنوير، 'ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2008ع، ص: 37.
5. هيسباڻي فقير سيف الرحمٰن، 'مَڪنُوزِ دُرلعل' (حصه دوم)، صوفي خوش خير محمد هيسباڻي اڪيڊمي، ڪرونڊي، 2020ع، ص:13.
6. شر، راشد، 'خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي شاعريءَ جو تحقيقي جائزو'، سنڌي شعبو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور 2018ع، ص: 59.